SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1974
SINDH ORDINANCE NO.V OF 1974
اولهه پاڪستان فشريز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
THE WEST PAKISTAN FISHERIES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1961 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XXX جي پهرين شيڊول جي ترميم
Amendment of First Schedule to West Pakistan Ordinance XXX of 1961

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1974
SINDH ORDINANCE NO.V OF 1974
اولهه پاڪستان فشريز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
THE WEST PAKISTAN FISHERIES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[28 فيبروري 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان فشريز آرڊيننس، 1961 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان فشريز آرڊيننس، 1961 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهه پاڪستان فشريز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان فشريز آرڊيننس، 1961 جي پهرين شيڊول جي ڪالم 4 ۾، جريان نمبر 3، 4 ۽ 5 جي سامهون لفظ "آگسٽ" لاءِ لفظ "جولاءِ" متبادل ٿيندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.

1961 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XXX جي پهرين شيڊول جي ترميم
Amendment of First Schedule to West Pakistan Ordinance XXX of 1961